SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLV مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLV OF 2002

سنڌ وٹن جي پوکي، انهن ۾ عوامي پارڪن جي سار سنيال آرڊيننس، 2002

THE SINDH PLANTATION, MAINTENANCE OF TREES AND PUBLIC PARKS ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ٻوٽن ۽ وٹن جي سار سنيال
Maintenance of plants and trees

4. عوامي پارڪن جي سار سنيال
Maintenance of public parks

5. وٹن ڪيرائڻ ۽ ڪاٽڻ جي اجازت
Permission for felling and cutting trees

6. پوکڻ يا ٻيهر پوکڻ جو نوٽيس
Notice to plant or re_plant

7. قبضو ونندڙ پاران وٹن ٻوٽن کي هٽائڻ ۽ ڪنهن غلطي جي صورت ۾ قيمت/خرچ جي اوڳاڙي
Removal of tree plants by occupier and recovery of cost/expenses in the case of default

8. وڻ درست طريقي لڳايا ويندا

Trees to be properly planted

9. وڻن هٽائڻ ۽ ڪٽڻ تي پابندي

Prohibition on removing and cutting of trees

10. ڏوهه ۽ سزائون

Offences and punishments

11. ڏوهه چڪتو ڪرڻ

Compounding of Offences

12. لينڊ روينيو جي مد ۾ اوڳاڙي لائق

Recoverable as arrears of land revenue

13. ڇوٽ

Exemption

14. ضمانت

Indemnity

15. قاعدا

Rules

سنڌ آرڊيننس نمبر XLV مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XLV OF 2002
سنڌ وٹن جي پوکي، انهن ۾ عوامي پارکن جي سار سنڀال آرڊيننس، 2002

THE SINDH PLANTATION, MAINTENANCE OF TREES AND PUBLIC PARKS ORDINANCE, 2002

[20 نومبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ وٹن جي پوکي، انهن ۾ عوامي پارکن جي سار سنڀال کي يقيني بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ وٹن جي پوکي، انهن ۾ عوامي پارکن جي سار سنڀال کي يقيني بڻائڻ ۾ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٹوبر 1999 واري اعلان تحت ۾ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وڻن جي پوکي، انهن ۽ عوامي پارکن جي سار سنڀال آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين کجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "ايجنسي" مطلب مڪاني حڪومت جيئن سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ بيان ڪيل آهي؛

(ii) "بااختيار بڻايل عملدار" مطلب هن آرڊيننس تحت ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ مڪاني حڪومت جو مقرر ڪيل هڪ عملدار؛

(iii) "ڪيرائڻ" جنهن ۾ شامل آهي ڇاڻي واڻي ڪنهن مقصد لاءِ وڻن ۽ ٻوٽن کي وڍڻ يا تباهہ ڪرڻ؛

(iv) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(v) "زمين" مطلب زمين جيڪا ڪنهن تائون يا ڳوٺ ۾ ڪنهن عمارت جي سائيٽ طور والاريل نہ آهي يا جيڪا زرعي مقصد لاءِ ڇڏيل ناهي يا زراعت سان لاڳاپيل مقصدن لاءِ ڇڏيل ناهي يا گاهہ لاءِ ڇڏيل ناهي ۽ جنهن ۾ شامل آهن عمارتن جون سائيٽس ۽ اهڙي زمين تي ٻيون تعميرات؛

(vi) "قبضو رکندڙ" مطلب ڪو شخص جنهن وٽ زمين جو حقيقي قبضو هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي زمين جو مالڪ؛

(vii) "ٻوٽو" جنهن ۾ شامل آهن ٻوٽا، وليون، هيجز ۽ ڪانڊيرا؛

(viii) "عوامي پارکون" جنهن ۾ شامل آهن نباتاتي

باغيچو ۽ کا پارک يا ڪنهن ايجنسي طرفان تيار ڪيل وندر لاءِ ميدان؛

(ix) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(x) "وڻ" جنهن ۾ شامل آهن اهڙا ٻوٽا جن کي زمين کان مٿي سنو ٽڙ هجي ۽ سني اونچائيءَ تائين انهن کي شاخون هجن.

ٻوٽن ۽ وڻن جي سار سنيال
Maintenance of plants and trees

3.ايجنسي قاعدن ۽ حڪومت جي هدايتن موجب ۽ ان جي اختيار هيٺ فنڊن جي گنجائشن موجب، وڻ پوکڻ ۽ عوامي پارکس جي سار سنيال جو منصوبو جوڙي ۽ ترقي ونڊائي سگهجي ٿي ۽ هن آرڊيننس تحت وڻ پوکي ۽ عوامي پارکن کي سنيالي سگهي ٿي.

عوامي پارکن جي سار سنيال
Maintenance of public parks

4. لاڳاپيل مڪاني حڪومت جي ضابطي ۽ هدايت موجب، بااختيار ٻڌايل عملدار دفعہ 3 تحت جوڙيل منصوبي تحت وڻن جي پوکي ۽ عوامي پارکن جي سار سنيال جو انتظام ڪندو.

وڻن ڪيرائڻ ۽ ڪاٽڻ جي اجازت
Permission for felling and cutting trees

5. (1) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب، ڪو بہ شخص بااختيار ٻڌايل شخص کان لکت ۾ اجازت ونڊ ڪانسواءِ ڪنهن زمين تي وڏندڙ ڪنهن وڻ کي ڪيرائي يا ڪٽي نہ سگهندو سواءِ ان جي جتي اهڙي واڌي ڪنهن حڪم جي پورائي يا ڪنهن قانون تحت يا ٻي صورت ۾ عوامي مفاد ۾ ڪئي وڃي.

(2) هڪ درخواست ذيلي دفعہ (1) تحت بااختيار ٻڌايل عملدار کي اجازت لاءِ ڏني ويندي، جيڪو اجازت ڏئي يا اجازت کان انڪار ڪري سگهي ٿو.

(3)اجازت اهڙين شرطن موجب ڏني ويندي جيئن بااختيار ٻڌايل عملدار طئي ڪري.

(4)ڪو شخص جيڪو بااختيار بڌايل عملدار جي فيصلي تحت متاثر ٿيو هجي اهو اهڙي فيصلي واري تاريخ جي ٻن هفتن دوران ايجنسي کي اپيل ڪري سگهي ٿو. جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

پوکڻ يا ٻيهر پوکڻ جو نوٽيس
Notice to plant or re_plant

6. (1) قبضو رکندڙ جي قبضي هيٺ خالي زمين يا زمين کي محفوظ بڌائڻ جي مقصد لاءِ يا حفاظت کي وڌيڪ موثر بڌائڻ لاءِ دفعہ 3 تحت اهڙي زمين تي ٻوٽا يا وڻ پوکيا ويندا.

(2) جتي قبضو رکندڙ ذيلي دفعہ (1) جي گهرجن کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ بااختيار بڌايل عملدار اهڙي زمين جي قبضو رکندڙ کي طلب ڪرڻ جو نوٽيس جاري ڪري سگهي ٿو. جنهن جو عرصو گهٽ ۾ گهٽ 14 ڏينهن هوندو تہ جيئن اهڙي ڪنهن بہ قسم جا وڻ پوکي يا ٻيهر پوکي سگهجن. جيئن نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

(3)ذيلي دفعہ (1) تحت نوٽيس قبضو رکندڙ جو نالو بيان ڪرڻ کانسواءِ اماڻيو ويندو ۽ جيڪو هيٺين ريت اماڻيو ويندو:

a. ذاتي طور قبضو رکندڙ کي ڏنو ويندو.

b.سندس عام رواجي يا آخري ٻيرو ڄاڻايل جڳهہ يا ڪاروبار واري جاءِ تي پهچايو ويندو. يا

c. سندس عام رواجي يا آخري ٻيرو ڄاڻايل جڳهہ يا ڪاروبار واري جاءِ تي رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي اماڻيو ويندو.

d. سندس عام رواجي يا آخري ٻيرو ڄاڻايل جڳهہ يا ڪاروبار واري جاءِ تي اهڙي نوٽيس جو نقل لڳايو ويندو.

(4)ذيلي دفعہ (2) تحت نوٽيس اهڙي عرصي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ لاڳو ٿيندو. جيئن ان سلسلي ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(5) جيڪڏهن ان عرصي دوران قبضو رکندڙ ايجنسي کي اپيل ڪري ٿو تہ نوٽيس تيستائين لاڳو نہ ٿيندو جيستائين ايجنسي طرفان تصديق نہ ڪئي وڃي يا اپيل قبول يا رد نہ ڪئي وڃي.

(6) اپيل تي ايجنسي جو فيصلو حتمي هوندو.

(7) جتي قبضو رکندڙ کنهن نوٽيس جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو آهي جيڪو ذيلي دفعہ (5) تحت لاڳو ٿي ويو آهي تہ بااختيار بڌايل عملدار سمورن موزون وقتن تي اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿو ۽ اهڙا ڪم ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ان نوٽيس تي مڪمل طور يا عارضي طور عملدرآمد لاءِ ضروري سمجهي.

قبضو ونندڙ پاران وڻن ٻوٽن کي هٽائڻ ۽ کنهن غلطي جي صورت ۾ قيمت/خرچ جي اوڳاڙي

Removal of tree plants by occupier and recovery of cost/expenses in the case of default

7. (1) جتي بااختيار بڌايل عملدار مطمئن آهي تہ ڪو وڻ يا ٻوٽو ٻوءِ اهو وڌي رهيو آهي يا نہ، اهو ٻارڻ لائق صورت ۾ آهي يا زندگي يا ملڪيت لاءِ خطرناڪ آهي يا کنهن رڪاوٽ جو سبب بڻجي ٿو يا کنهن صورت ۾ ٽرئفڪ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو تہ اهو زمين جي قبضو رکندڙ کي لکت ۾ نوٽيس ذريعي طلب ڪري سگهي ٿو جنهن جي زمين تي اهو وڌي رهيو آهي يا ان کي نوٽيس ۾ بيان ڪيل وقت دوران هٽائڻ جو چئي سگهي ٿو.

(2) جيڪڏهن نوٽيس تي عملدرآمد نہ ڪيو وڃي، تہ بااختيار بڌايل عملدار نوٽيس ۾ ڄاڻايل عرصو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ کنهن بہ وقت تي قبضو رکندڙ جي خرچ تي ڪم ڪرائي سگهي ٿو.

8. جتي ٻوٽا يا وڻ منظور ٿيل منصوبي تحت يا بااختيار بڌايل عملدار کي مطمئن ڪرڻ کانسواءِ پوکيا وڃن تہ اهو وڻ درست طريقي لڳايا ويندا

انهن ٻوٽن يا وڻن کي منصوبي موجب پوکرائي سگهي ٿو.

Trees to be properly planted

9. عوامي پارڪ اهڙي نموني رکي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، هن آرڊيننس جي پين گنجائشن موجب ڪو به شخص ڪنهن عوامي هنڌ بشمول عوامي پارڪ جي ڪنهن ٻوٽي، ول يا وڻ کي يا ان جي شاخ يا ڪنهن حصي کي نه هٽائيندو نه ڪٽيندو نه نقصان پهچائيندو يا ان جي جاءِ تبديل نه ڪندو.

وڻن هٽائڻ ۽ ڪٽڻ تي پابندي

Prohibition on removing and cutting of trees

10. ڪو شخص جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي، جيڪو پنجويهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو.

ڏوهه ۽ سزائون

Offences and punishments

11. (1) بااختيار ٻڌايل عملدار هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڏوهه تي پنج هزار رپين جي رقم واڌو اهڙو نقصان جيڪو سندس طرفان طئي ڪيو ويو هجي، اهو پرڻ کانپوءِ ڏوهه معاف ڪري سگهي ٿو.

ڏوهه چڪتو ڪرڻ

Compounding of Offences

(2) ڪنهن به عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪيل ڏوهه تي دائره اختيار نه هوندو سواءِ بااختيار ٻڌايل عملدار طرفان شڪايت جي.

(3) اهڙي ڏوهه جي سلسلي ۾ اهڙي ماڻهو طرفان رقم جي ادائگي کانپوءِ سندس خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي ويندي.

لينڈ روينيو جي مد ۾ اوڳاڙي لائق

Recoverable as arrears of land

12. هن آرڊيننس تحت واجب الادا ڪا رقم لينڈ روينيو جي رهنتن طور اوڳاڙي لائق هوندي.

revenue

چوٽ
Exemption

13.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن زمين يا زمين جي درجي يا ڪنهن قبضو رکندڙ يا قبضو رکندڙن جي درجي کي هن آرڊيننس جي آپريشن کان چوٽ ڏئي سگهي ٿي.

ضمانت
Indemnity

14. هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، ايجنسي يا بااختيار بڻائيل عملدار خلاف ڪو ڪيس يا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

قاعدا
Rules

15. (1)حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد کانسواءِ اهڙا قاعدا هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ مهيا ڪندا:

(a) طريقو جنهن تحت وٹ لڳايا ۽ سار سنڀال ڪئي ويندي؛

(b) طريقو جنهن تحت عوامي پارڪن جي سار سنڀال ڪئي ويندي؛

(c) عوامي پارڪن جي سلسلي ۾ بااختيار بڻايل عملدار طرفان ڪم جي سرانجام ڏنا ويندا يا اختيار جيڪي استعمال ڪيا ويندا؛

(d) اهي ڪم جيڪي عوامي پارڪن ۾ منع هوندا؛

(e) وٹن جا قسم جيڪي مختلف علائقن ۾ پوکيا ويندا ۽ عرصو جنهن دوران اهي پوکيا ويڙهيا آهن؛ ۽

(f) وٹن ۽ عوامي پارڪن جو رکارڀ رکڻ جو طريقيڪار.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.